SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريه 1994

SINDH ACT NO.XXI OF 1994

لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994

THE LARKANA DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement
2. وصفون
Definition
3. اٿارٽي ۽ ان جي شموليت
Authority and its incorporation
4. اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Authority
5. ميمبرن جي نااهلي
Disqualifications of members
6. غير سرڪاري ميمبرن جو معاوضو ۽ سهولتون
Remuneration and privileges of non-official members
7. ڊائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ذميواريون
Appointment and duties of the Director General
8. اٿارٽي جا عملدار ۽ ٻيو اسٽاف
Officers and other staff of the Authority

9. اٿارٽي جا ڪم
Functions of the Authority
10. اٿارٽي جي گڏجاڻي
Meeting of the Authority
11. ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Committee
12. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers
13. ايجنسي جو قيام
Establishment of Agency
14. مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي مقرري ۽ اختيار
Appointment and powers of Managing Director
15. ضابطي هيٺ ايراضي جو اعلان
Declaration of controlled area
16. عمارت ڊاهڻ ۽ ٻيهر ٺاهڻ
Execution or re-erection of building
17. مڪ پروگرام
Master programmes
18. اسڪيمون
Schemes
19. اسڪيمن جي اشاعت
Publication of Schemes
20. اسڪيمن جي منظوري
Sanction of Schemes
21. مختلف اسڪيمن جي اٿارٽي ڏانهن منتقلي ۽ حوالي
Transfer and entrustment of various schemes to the Authority
22. اٿارٽي طرفان اسڪيمن جي حوالگي
Entrustment of schemes by the Authority

23. اسڪيمن جي تبديلي
Alteration of schemes
24. گورنمينٽ لوڪل ڪائونسل وغيره کي هدايت جاري ڪرڻ جو اٿارٽي جو اختيار
Power of Authority to issue direction to government local council etc
25. اسڪيم لاءِ فنڊس
Funds for Scheme
26. اسڪيمون جيڪي عوامي مقصدن لاءِ هونديون
Schemes to be deemed for public purposes
27. سڌاري جي في
Betterment fee
28. عمارت هٽائڻ يا ڊاهڻ
Removal or demolition of building
29. حددخلي هٽائڻ
Removal of encroachment
30. گهٽيون کليل جڳهون وغيره تحويل ۾ وٺڻ
Taking over of streets open spaces etc
31. لوڪل ڪائونس جا اختياراستعمال ڪرڻ لاءِ مجاز اختياري
Authority competent to exercise functions of local council
32. ملڪيت جي مٽا سٽا جي ليز خريد ڪرڻ
Purchase lease of exchange of a property
33. زمين جي طلبي
Acquisition of land
34. زمين تي نشان لڳائڻ
Marking of land
35. پبلڪ نوٽيس ڏيڻو پوندو
Public notice to given

36. جاچ ۽ انعام
Enquiry and award
37. معاوضو طئي ڪرڻ لاءِ جزا
Factors for determining of compensation
38. قبضو ۽ زمين شامل ڪرڻ
Possession and vesting of land
39. معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪليڪٽر جو اختيار
Power of Collector to obtain information
40. زمين جي سروي ڪرڻ، ليول ڪرڻ ، نشان لڳائڻ وغيره
Surveying leveling and marking etc: of land
41. رعايت يا نقصان
Compensation or damages
42. حڪومت طرفان ڪليڪٽر کي هدايتون
Directions to Collector by Government
43. اپيل
Appeal
44. نظرثاني
Review
45. غلط يا معاوضي جي اضافي ادائگي
Wrong or excess payment of compensation
46. ڪارروائي روڪڻ
Dropping of proceedings
47. ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر کي سول ڪورٽس جا اختيار
Civil Courts powers to Collector and Commissioner
48. ڪا اسٽيمپ ڊيوٽي يا ڪورٽ ڊيوٽي ادائگي لائق نه هوندي
No stamp duty or court fee payable
49. زمين جي واپسي
Restoration of Land
50. اثارٽي جا فنڊس

Funds of the Authority
51. فنڊس جو استعمال
Utilization of funds
52. قومي قرض جي ادائگي لاءِ فنڊ
Sinking Fund
53. بجيٽ
Budget
54. اڪائونٽس جي مينٽيننس
Maintenance of Accounts
55. سرڪاري ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي
Supply of water to Government agency
56. ميونسپل حدن کان ٻاهر پاڻي جي فراهمي
Supply of water outside municipal limits
57. جڳهه جو تعين ڪرڻ ۽ مرمت وغيره
Placement and maintenance etc
58. واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج سان لاڳاپيل ڏوهه
Offence relating to water supply and drainage
59. عمارت ٻيهر تعمير ڪرڻ يا استعما ڪرڻ وغيره، جيڪا ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي
Erection construction or use of building etc, incontravent of the Act
60. ملڪيت جي مختلف استعمال لاءِ تبديلي
Conversion of property to different use
61. چيئرمين، ميمبر وغيره سرڪاري ملازم هوندا
Chairman, members, etc, to be public servants
62. سرگرمين جي رپورٽ
Report of activities
63. لوڪل ڪائونسل جي اثاثن، رهتن ۽ اختيارن جي اٿارٽي ڏانهن منتقلي

Transfer of assets and liabilities and power of local council to the Authority

64. رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues

65. ڪارروائي تي پابندي

Jurisdiction barred

66. ضمانت

Indemnity

67. گنجائشن تي اثرانداز ٿيڻ

Overriding provisions

68. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

69. ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulation

70. اٿارٽي ختم ڪرڻ

Dissolution of the Authority

71. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريه 1994

SINDH ACT NO.XXI OF 1994

لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994

THE LARKANA DEVELOPMENT AUTHORITY ACT, 1994

[23 آگسٽ 1994]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي لاڙڪاڻي ڊويزن جي شهري علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ گنجائشون جوڙيون ويونديون ۽ ان مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

جيئن ته لاڙڪاڻي ڊويزن جي شهري علائقن جي ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ ان مقصد لاءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب – 1

شروعاتي

وصفون
Definition

1. (1) هن ايڪٽ لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) اهو لاڙڪاڻي ڊويزن جي اهڙن علائقن تائين وڌايو ويندو، جيئن حڪومت وقت بوقت نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري.

(3) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "ايجنسي" مطلب دفعه 13 تحت قائم ڪيل ايجنسي؛

(b) "اٿارٽي" مطلب دفعه 3 تحت لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي؛

(c) "سڌارتي فيس" مطلب دفعه 27 تحت لڳايل فيس؛

(d) "بجيٽ" مطلب اٿارٽي جي سالياني ڪمائي ۽ خرچ جو سالياني اسٽيٽمينٽ؛

(e) "چيئرمين" مطلب اٿارٽي جو چيئرمين؛

(f) "ضابطي هيٺ ايراضي" مطلب دفعه 15 تحت اعلانيل ايراضي؛

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "زمين" جنهن ۾ شامل آهي، زمين، پاڻي، مٿان هوا، هيٺان يا زمين جي سطح ۽ ٻيو ڪجهه جيڪو زمين سان جڙيل هجي يا زمين سان جڙيل ڪنهن شئي سان مستقل طور ڪجهه ٻڌل هجي؛

(i) "مڪ پروگرام" مطلب دفعه 17 تحت تيار ڪيل پروگرام؛

(j) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب دفعه 14 تحت مقرر ڪيل مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(k) "ميمبر" مطلب اٿارٽي جو ميمبر؛

(l) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(m) "اسڪيم" مطلب هن ايڪٽ تحت تيار ڪيل يا ورتل اسڪيم؛

اٿارٽي ۽ ان جي شموليت
Authority and its incorporation

(n) "خدمت جي ايراضي" مطلب دفعه 13 تحت اٿارٽي طرفان اعلانيل خدمت جي ايراضي؛

(o) "شهري ايراضي" مطلب هڪ ايراضي جيڪا ٽائون، ميونسپلٽي يا شهر جي حدن ۾ ايندي هجي، ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهڙي ايراضي جيڪا هن ايڪٽ تحت حڪومت طرفان اعلانيل هجي.

باب -II

اٿارٽي جي جوڙجڪ ۽ ان جا ڪم

اٿارٽي جي جوڙجڪ
Constitution of the Authority

3. (1) هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ هڪ اٿارٽي هوندي جنهن کي لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجاءشن موجب ٻنهي قسمن جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) اٿارٽي جا هيڊڪوارٽر لاڙڪاڻي ۾ هوندا يا اهڙي ٻئي هنڌ تي جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي طئي ڪري.

4. (1) اٿارٽي مشتمل هوندي:

(a)	لاڙڪاڻي ڊويزن جو ڪمشنر	چيئرمين

(b)	ڊائريڪٽر جنرل	ميمبر
(c)	ايڊمنسٽريٽر يا ميئر، جيئن لاڙڪاڻو ميونسپل ڪارپوريشن جو معاملو هجي	ميمبر
(d)	پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو هڪ نمائندو، جيڪو ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي عهدي کان گهٽ نه هجي	ميمبر
(e)	اهڙا ٻيا غير سرڪاري ميمبر جيڪي پنج کان وڌيڪ نه هجن ۽ سرڪاري ميمبر جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن	ميمبر

ميمبرن جي نااهلي
Disqualifications of members

(2) غير سرڪاري ميمبر ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکندو، جيستائين اهو استعيفيٰ نه ڏئي يا اڳ ۾ هٽايو نه وڃي.

(3) غير سرڪاري ميمبر، ڪنهن به وقت تي، حڪومت کي خط ذريعي ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ ان جي استعيفيٰ ان تاريخ کان موثر سمجهي ويندي، جنهن تاريخ تي حڪومت طرفان قبول ڪئي وڃي.

(4) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن به غير سرڪاري ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪو دفعه 5 ۾ ڄاڻايل نااهلين ۾ شامل ٿيو هجي.

غير سرڪاري ميمبرن جو معاوضو ۽ سهولتون
Remuneration

(5) غير سرڪاري ميمبر جي عهدي تي عارضي آسامي ذيلي دفعه (1) تحت پري ويندي ۽ اهڙي آسامي تي مقرر ڪيل ميمبر رهيل عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندو.

5. ڪو به شخص غير سرڪاري ميمبر نه رهندو يا

and privileges of non-official members

جاري نه رکي سگهندو، جيڪو:
(a) معاهدي ۾ داخل ٿيڻ جي جو مجاز نه آهي؛
(b) آهي، يا ڪنهن وقت بداخلاقي جي ڏوهه ۾ ملوث رهيو آهي؛
(c) ڪنهن پروجيڪٽ يا اسڪيم يا اٿارٽي جي ڪنهن معاملي ۾ مالي مفاد اٿس يا ڪو فائدو، جيڪو سڌي يا اڻ سڌي ريت، اٿارٽي جي مفادن سان ٽڪراءَ ۾ آهي؛
(d) وقتي طور تي لاڳو ڪنهن قانون جي ضابطن موجب اليڪٽو بادي جي ميمبرشپ تان وقتي طور نااهل ٿيو آهي.

دائريڪٽر جنرل جي مقرري ۽ ذميواريون

Appointment and duties of the Director General

6. غير سرڪاري ميمبر اهڙي مراعتي فيءِ الائونسز حاصل ڪندا ۽ اهڙيون سهولتون ماڻيندا، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

اٿارٽي جا عملدار ۽ ٻيو اسٽاف

Officers and other staff of the Authority

7. (1) دائريڪٽر جنرل حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن حڪومت طئي ڪري.

اٿارٽي جا ڪم

Functions of the Authority

(2) دائريڪٽر جنرل اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ حڪومت جي عام يا خاص هدايتن موجب اهڙيون ذميواريون نڀائيندو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيئن ان کي اٿارٽي طرفان منتقل ڪيا وڃن.
(3) جتي دائريڪٽر جنرل ڪنهن سبب کان ڊيوٽي تان غير حاضر آهي، يا پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ لائق نه آهي ته، حڪومت دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) ۾ چاٽايل ماڻهن منجهان ڪنهن هڪ شخص کي

ڊائريڪٽر جنرل جون ذميواريون نپائڻ ۽ ان جا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ نامزد ڪري سگهي ٿي.

8. اٿارٽي، حومت جي عام يا اص حڪمن تي اهڙا عملدار، صلاحڪار، ماهر، ڪنسلٽنٽس ۽ ملازم اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪري سگهي ٿي جيئن اها ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ مناسب سمجهي.

9. (1) حڪومت جي عام يا خاص هدايتن موجب، اٿارٽي ڪندي:

(i) لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ ضابطي هيٺ ايراضي جي سموري ترقي، سڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ ذميوار هوندي؛

(ii) اسڪيمون جوڙيندي، عملدرآمد ڪرائيندي ۽ لاڳو ڪندي؛

(iii) پاڻي فراهمي، ڊرينيج، سيوريج ۽ ڊسپوزل آف سولڊ ويسٽ سان لاڳاپيل عوامي ڪم فراهم ڪرڻ، سڌارو آڻڻ، هلائڻ ۽ مينٽين ڪرڻ؛

(iv) وفاقي ۽ صوبائي حڪومت جي ترقياتي ايجنسي طور ڪم ڪرڻ يا ڪنهن لوڪل اٿارٽي يا خودمختيار ڀاڊي طور ڪم ڪرڻ؛

(v) ترقياتي سرگرمين ۾ رڌل پبلڪ يا پرائيويٽ وفاقي يا صوبائي ايجنسين سان تعاون ڪرڻ؛

(vi) مختلف ايجنسيز جي ترقياتي سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ؛

(vii) فني خدمتن سميت فني رهنمائي مهيا ڪرڻ ۽ ترقياتي سرگرمين جي ترقي ۽ سهڪار لاءِ ماڻهو مهيا ڪرڻ؛

(viii) ان جي دائره اختيار ۾ اصيراضي جي ترقي،

سڌاري ۽ خوبصورتي سان لاڳاپيل اسڪيمن لاءِ مالي مدد ڪرڻ؛
(ix) وفاقي يا صوبائي حڪومت يا ڪنهن لوڪل اٿارٽي يا خودمختيار بادي طرفان سونپيل اسڪيمن کي مڪمل ڪرڻ؛
(x) شهري پلانگ ۽ ڊولپمينٽ ۾ تحقيق ڪرڻ؛
(xi) طريقيڪار بيا ڪرڻ ۽ ترقي لاءِ معيار جوڙڻ؛
(xii) منصوبابندي ۽ ترقي تي مواد گڏ ڪرڻ ۽ اهڙو مواد اهڙن ماڻهن ۽ ايجنسين ۾ وهرائڻ جيڪي ترقياتي ڪمن ۾ رڌل يا دلچسپي رکندڙ هجن؛
(xiii) منصوبابندي ۽ ترقي بابت تربيتي پروگرام ۽ سيمينار منعقد ڪرڻ؛
(xiv) منصوبابندي ۽ ترقياتي ڪم لاءِ پروفيشنل آرگنائيزيشنز کي هٿي وٺرائڻ؛ ۽
(xv) اهڙا ٻيا ڪم ڪندي جيئن حڪومت طرفان سونپيا ويندا.
(2) اٿارٽي ڪري سگهي ٿي:
(i) اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛
(ii) متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت مستقل طور حاصل ڪري سگهي ٿي يا عارضي طور درخواست ڏئي سگهي ٿي؛
(iii) وڪرو، ويز، مٽا سٽا، تيا ٻئي ڪنهن طريقي حاصل ڪيل زمين يا ٻي ڪنهن ملڪيت جو نيڪال ڪري سگهي ٿي؛
(iv) ڪنهن اسڪيم جي سلسلي ۾ ڪي ڪم ڪرائي سگهي ٿي يا ٻي صورت ۾ ان جي حوالي ڪيل يا ان جي ضابطي ۾ ورتل؛

(v) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي خرچ برداشت ڪرڻ؛
(vi) ان جي استعمال لاءِ گهربل ٻوٽا، مشينري، اوزار ۽ ٻيو سامان مهيا ڪرڻ؛
(vii) اهڙن ٽيڪن ۾ داخل ٿيڻ ۽ اهڙا سمورا ٽيڪا ڪرڻ جيڪي ضروري سمجهي؛
(viii) ڪنهن ڪم يا اسڪيم ۾ ڪنهن رڪاوٽ کي هٽائڻ؛
(ix) جڙندڙ اسڪيم جي ترقيءَ لاءِ حڪم جاري ڪرڻ؛
(x) زمين يج استعمال ۾ تڪنهن تبديلي ۽ ڪنهن عمارت، تعمير يا لڳائڻ ۾ تبديلي کان منع ڪرڻ يا عام يا خاص حڪم ذريعي منع ڪرڻ؛
(xi) ڪنهن عمارت، تعمير يا تنصيب کي ڊاهڻ يا هٽائڻ؛
(xii) ترقياتي ڪم ۾ مصروف ڪنهن شخص يا ماڻهن جي ٻاڊي يا ايجنسي کان ڪا معلومات، رڪارڊ، رپورٽ يا لاڳاپيل منصوبو هن ايڪٽ تحت طلب ڪرڻ؛
(xiii) جاري ڪنهن ترقياتي پروجيڪٽ يا جيڪو شروع ٿيڻو هجي، ان جي جاچ ڪرڻ يا رڪارڊ جي جاچ ڪرڻ؛
(xiv) ڪنهن ترقياتي پروجيڪٽ، پروگرام يا اسڪيم سان لاڳاپيل ڪنهن شخص، شخصيتن جي ٻاڊي يا ايجنسي کان اهڙي ڄاڻايل پروجيڪٽ، پروگرام يا اسڪيم جي شروعات جي باري ۾ اڳواٽ اجازت وٺڻ.

اٿارٽي جي گڏجاڻي
Meeting of the Authority

(xv) هدايت ڪرڻ، يا جيئن معاملو هجي، ڪنهن شخص يا شخصيتن جي ٻاڊي يا ڪنهن ترقياتي

پروجيڪٽ، پروگرام يا اسڪيم سان لاڳاپيل ايجنسي کي اهڙي پروجيڪٽ، پروگرام يا اسڪيم جي باري ۾ ڪجهه نهن ڪرڻ يا ڪجهه نه ڪرڻ جو مشورو ڏيڻ، ۽ انهن سان صلاح مشورو ڪرڻ ۽ مشورو وٺڻ يا ترقياتي ڪم ۾ رڌل ڪنهن شخص يا شخصيتن جي باڊي يا ايجنسي کان مدد حاصل ڪرڻ، ڪنهن اسڪيم جي تياري يا ان تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ ۽ اهڙو شخص يا شخصيتن جي باڊي يا ايجنسي اٿارٽي کي گهربل مشورو ۽ مدد فراهم ڪندا انهن جي صلاحيت، ڄاڻ ۽ نظريي موجب ۽ اهڙي مشوري يا مدد ۾ جيڪڏهن ڪو خرچ اچي ته اهو خرچ اٿارٽي برداشت ڪندي.

ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Committee

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

(3) جيڪڏهن ذيلي دفعه (2) تحت اٿارٽي طرفان اختيار استمال ڪرڻ ۾، اٿارٽي ۽ ڪنهن شخص يا شخصيتن جي باڊي يا ايجنسي وچ ۾ ڪو تڪرار پيدا ٿئي ته، اهو معاملو اهڙي شخص يا اختياري طرفان نبيريو ويندو، جيئن حڪومت ان سلسلي ۾ مقرر ڪري ۽ اهڙي شخص يا اختياري طرفان ڏنل فيصلو حتمي هوندو: بشيرطيڪ حڪومت پنهنجي طور تي يا ان تڪرار ۾ ملوث ڪنهن شخص يا شخصيتن جي باڊي يا ايجنسي جي تحريڪ تي، اهڙي فيصلو تبديل ڪري يا ترتيب ڏئي سگهي ٿي.

ايجنسي جو قيام
Establishment of Agency

10. (1) ڪو به معاملو جيڪو اٿارٽي طرفان حل ٿيڻو آهي ان جو فيصلو اٿارٽي جي گڏجاڻيءَ ۾ اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبرن جي اڪثريتي ووٽ ذريعي ٿيندو.

(2) هر ميمبر کي هڪ ووٽ هوندو؛ بشرطيڪ برابر ٿيڻ جي صورت ۾، چيئرمين ووٽ وجهندو.

(3) اٿارٽي جي گڏجاڻيءَ لاءِ سمورن ميمبرن منجهان

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي مقرري ۽ اختيار
Appointment and powers of Managing Director

هڪ پاڳي تي ميمبر ڪورم ٿاهيندا.

(4) اٿارٽي اهڙي هنڌ ۽ اهڙي وقت تي ۽ اهڙي طريقي گڏجاڻي ڪندي، جيئن اها طئي ڪري.

ضابطي هيٺ ايراضي جو اعلان
Declaration of controlled area

11. اٿارٽي هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي، جهڙوڪ مالياتي ڪميٽي، فني ڪميٽي، مشاورتي ڪميٽي يا اهڙي ٻي ڪميٽي.

عمارت ڊاهڻ ۽ ٻيهر ٺاهڻ
Execution or re-erection of building

12. اٿارٽي عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن تي جيئن اها چاهي پنهنجا ڪي به اختيار چيئرمين يا ميمبر يا ڪنهن ڪميٽي يا ڊائريڪٽر جنرل يا ڪنهن ٻئي عملدار يا ملازم يا صلاحڪار، ماهر يا ڪنسلٽنٽ کي مڙهي يا حوالي ڪري سگهي ٿي.

13. (1) حومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن ايراضي کي خدمت جي ايراضي طور اعلان ڪري سگهي ٿي.

اٿارٽي، ۽ جيڪڏهن ايئن حڪومت طرفان حڪم ڪيو ويو هجي، خدمت جي ايراضي لاءِ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل هڪ ايجنسي قائم ڪري سگهي ٿي.

(3) ايجنسي اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي، اهڙيون خدمتون مهيا ڪندي ۽ اٿارٽي جا اهڙا اختيار استعمال ڪندي، جيئن ان کي اٿارٽي طرفان منتقل ڪيا وڃن.

14. (1) جڏن دفعه 13 تحت ايجنسي قائم ڪئي وئي آهي، اٿارٽي حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان، ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيا وڃن هڪ مئنيجنگ ڊائريڪٽر مقرر ڪندي.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايجنسي جو چيف

ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اهڙا ڪم ۽ اختيار استعمال ڪندو، جيڪي وقت بوقت ڪيس ايجنسي طرفان سونپيا ويندا.

ضابطي هيٺ ايراضي جو اعلان، مک پروگرامن جي تياري ۽ اسڪيم ۽ انهن تي عملدرآمد

مک پروگرام
Master programmes

15. اٿارٽي نوٽيفڪيشن ذريعي، ڪنهن ايرراضي جو ضابطي هيٺ ايراضي طور اعلان ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙيون شيون ڪري سگهي ٿي جيڪي بي ترتيب آبادي، حد دخلين، غير قانوني تعميرات يا اهڙي ايراضي ۾ آپريشنز کان بچاءَ لاءِ ضروري هجن.

اسڪيمون
Schemes

16. (1) ڪو به ماڻهو، ضابطي هيٺ ايراضي ۾، ڪا عمارت تعمير يا ٻيهر تعمير نه ڪندو، يا ان ۾ ڪنهن سامان جي تبديلي نه ڪندو، يا ڪنهن موجود عمارت يا تعمير ۾ اضافو نه ڪندو يا ان سلسلي ۾ جاري ڪنهن حصي جي ٻيهر تعمير نه ڪندو سواءِ اٿارٽي جي اجازت جي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت اجازت اهرِ طريقي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت ڏني ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ هڪ سال لاءِ ڪارگر هوندي؛ شرطيڪ اها وڌيڪ اهڙي عرصي لاءِ ٻيهر جاري ٿي سگهي ٿي جيئن اٿارٽي اهڙي صورتحال ۾ مناسب سمجهي.

(3) ڪو شخص جيڪو ڪوٽائي، ڪنهن عمارت جي تعمير يا ٻيهر تعمير ڪري ٿو يا وڌائي ٿو، ڪو سامان ٻاهرين تبديلي ۾ آڻي ٿو يا ڪنهن موجود عمارت يا تعيمر ۾ اضافو ڪري ٿو يا عمارت جي جاري ڪنهن حصي کي ٻيهر تعمير ڪري ٿو، هڪ ضابطي هيٺ ايراضي ۾ ته اهڙو ڪم مڪمل ٿيڻ

جي ٻن مهينن اندر اٿارٽي کي اهڙي ڪم جي مڪمل ٿيڻ بابت آگاهه ڪندو.

(4) اٿارٽي، ذيلي دفعه (3) تحت آگاهي ملڻ تي، ڪنهن عملدار يا ڪنهن ٻئي شخص کي اهڙي ڪم جي جاچ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿي ۽ اهڙي جاچ کانپوءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(5) جتي ڪو شخص ذيلي دفعه (1) يا ذيلي دفعه (3) جي گنجائشن يا ذيلي دفعه (4) تحت جاري ڪيل حڪم جي پڇڪڙي ڪري ٿو، اٿارٽي اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿي جيئن اها اهڙين گنجائشن يا حڪم کي لاڳو ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي ۽ اهڙي حڪم تي عمل ڪرائڻ تي آيل خرچ لاڳاپيل ماڻهو کان وصول ڪيو ويندو.

17. (1) اٿارٽي جيترو جلد ٿي سگهي، اهڙن شهري علائقن ۾ ترقي، سڌاري، واڌاري ۽ خوبصورتي لاءِ ماسٽر پروگرام تيار ڪندي جيئن ان جي خيال ۾ يا حڪومت جي خيال ۾ انهن جي ترقي، سڌاري، واڌاري ۽ خوبصورتي جي سلسلي ۾ اهڙي پروگرام جي حڪومت جي منظوري جي ضرورت آهي.

(2) حڪومت مٿي ڄاڻايل پروگرام جي ان جي اصل شڪل ۾ يا ڪهه تبديلين سان جيئن اها مناسب سمجهي منظوري ڏئي سگهي ٿي.

اسڪيمن جي اشاعت
Publication of Schemes

18. (1) اٿارٽي، ۽ جيڪڏهن حڪومت طرفان هدايت ڪئي وڃي، ضابطي هيٺ ايراضي يا ان جي حصي لاءِ اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي مخصوص اسڪيم يا اسڪيمون تيار ڪندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اٿارٽي، ڪنهن لوڪل ڪائونسل، سرڪاري اسڪيمن جي

منظوري
Sanction of Schemes

ايجنسي، سوسائٽي يا ڪنهن شخص يا شخصيتن جي بادي، جي درخواست تي تياري ۾ مدد ڪري سگهي ٿي، ڪنهن اسڪيم جي تياري جو سبب بڻجي سگهي ٿي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن گڏيل طور انهن ۾ طئي ڪيو ويو هجي.

(3) هن دفيه تحت اسڪيم لاڳاپيل ٿي سگهي ٿي:

(a) زمين جو استعمال ۽ زمين مخصوص ڪرڻ؛

(b) زوننگ؛

(c) ڪميونٽي پلاننگ، هائوسنگ، ري هائوسنگ ۽ ڪچي آبادي جي منظوري ۽ بهتري؛

(d) عوامي عمارتون، بشمون اسڪول، ڪاليج، لائبريريون، ميوزمس، ڪميونٽي سينٽرس، اسپتالون، خيراتي ادارا، مسجدون، مارڪيٽون ۽ مسافر خانا؛

(e) گهٽيون ۽ روڊس؛

(f) واٽر سپلاءِ، ڊرينيج، سيوريج ۽ سيويج ڊسپوزل؛

(g) پارڪس، باغ، راندين جا ميدان، قبرستان ۽ عوامي گڏجاڻين يا ٻين عوامي مقصدن لاءِ ڪليل جايون؛

(h) معاشرتي سهولتون بشمول بجلي ۽ گئس جي فراهمي؛

(i) تاريخي يا سائنسي دلچسپي يا قدرتي حسن جي هنڌن يا شين جو تحفظ؛

(j) عوامي سواري يا مواصلاتي نظام؛

(k) واپاري يا صنعتي علائقا؛

(l) شهرين جي زندگين ۽ ملڪيت کي خطرن کي هٽائڻ؛

(m) قدرتي وسيلن جو استعمال؛

(n) عوام سان جڙيل ڪو ڪم يا معاملو.

مختلف اسڪيمن جي اٿارٽي ڏانهن منتقلي ۽ حوالي
Transfer and entrustment of various schemes to the Authority

(4) اهڙين اسڪيمن ۾، ٻين شين ۾ شامل هونديون:

(a) اسڪيم جا تفصيل ۽ ان تي عملدرآمد جو طريقو؛
(b) قيمت جو ڪاٿو ۽ ان سلسلي ۾ مختص ڪرڻ جيئن اسڪيم ذريعي مختلف مقصدن لاءِ خدمت ڪري سگهجي؛
(c) اسڪيمن جا فاعدا؛
(d) عوامي يا نجي ملڪيت يا اسيڪم سان ٻيو اهڙو ٻيو ڪو فاعدو متاثرو ٿيو هجي ۽ اهڙي ملڪيت يا فائدي سان ڊيل ڪرڻ جي آڇ.

اٿارٽي طرفان اسڪيمن جي حوالگي
Entrustment of schemes by the Authority

19. اٿارٽي طرفان تيار ڪيل هر اسڪيم سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪئي ويندي ۽ مقامي روزاني اخبارن، هڪ انگريزي ۽ هڪ هر هڪ اردو ۽ سنڌ ۾ اعتراض ۽ تجويزون گهرائڻ لاءِ، اسڪيم جي شايع ٿيڻ جي ٿيهن ڏينهن اندر.

اسڪيمن جي تبديلي
Alteration of schemes

20. (1) اٿارٽي اعتراضن ۽ تجويزن تي غور ڪرڻ کانپوءِ، جيڪڏهن ڪا هجي، دفعه 19 تحت ۽ اهڙن ماڻهن جي اعتراضن ۽ تجويزن کي ٻڌڻ کانپوءِ جيڪڏهن اٿارٽي اهڙي ٻڌڻي ضروري سمجهي، اسڪيم جي منظوري ڏئي يا ترتيب ڏئي يا ان کي ختم ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن قيمت ڏهه لک رپين کان وڌيڪ نه هجي ۽ حڪومت کان ڪو قرض يا گرانٽ گهربل نه آهي ۽ حڪومت کي سفارشن سان ٻيون اسڪيمون جمع ڪرائي سگهي ٿي.
(2) حڪومت اهڙن ماڻهن کي ٻڌڻ کانپوءِ، جن جا اعتراض ۽ تجويزون اٿارٽي طرفان منظور ناهن ڪيون ويون، جيڪڏهن اها اهڙي ٻڌڻي ضروري سمجهي، اسڪيم بنا تبديل يا تبديلين سان جاري ڪري سگهي ٿي، يا جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهي ٿي، يا ٻيهر غور لاءِ واپس ڪري سگهي ٿي، يا اسڪيم بابت وڌيڪ معلومات يا تفصيل طلب

ڪري سگهي ٿي يا اهڙي وڌيڪ جاچ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(3) جتي حڪومت، يا جيئن معاملو هجي، اٿارٽي اسڪيم جاري ڪئي آهي، اهڙي اسڪيم جاري ڪرڻ جو حڪومت يا اٿارٽي جو حڪم سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ اهو اٿارٽي لاءِ ضروري هوندو ته اها اهڙي اسڪيم تي عملدرآمد ڪرائي.

گورنمينٽ لوڪل ڪائونسل وغيره کي هدايت جاري ڪرڻ جو اٿارٽي جو اختيار
Power of Authority to issue direction to government local council etc

21. (1) حڪومت، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيون ويون هجن، حڪومت طرفان يا ڪنهن لوڪل ڪائونسل يا سرڪاري ايجنسي طرفان جاري ڪيل يا شروع ڪيل ڪا اسڪيم اٿارٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿي ۽ اٿارٽي جي نيڪال لاءِ ڪي فنڊس ۽ ملڪيت متحرڪ يا غير متحرڪ، اهڙي اسڪيم سان لاڳاپيل يا جڙيل رکي سگهي ٿي، ان کانپوءِ اها اٿارٽي جي ذميواري هوندي ته اها اهڙي اسڪيم تي عملدرآمد ڪري.

(2) اهو اٿارٽي لاءِ ضروري هوندو ته اها ان کي وفاقي حڪومت طرفان سونپيل ڪنهن اسڪيم جا ڪي ڪم يا عملدرآمد اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ڪري جيئن اٿارٽي ۽ وفاقي حومت ۾ گڏيل طور تي طئي ٿيو هجي.

اسڪيم لاءِ فنڊس
Funds for Scheme

(3) اٿارٽي ڪنهن لوڪل ڪائونسل، سرڪاري ايجنسي، سوسائٽي يا ڪنهن ماڻهو يا ماڻهن جي بادي جي درخواست تي ڪو ڪم يا ان کي اهڙي لوڪل ڪائونسل، سرڪاري ايجنسي، سوسائٽي، ماڻهو، ماڻهن جي بادي طرفان سونپيل ڪنهن اسڪيم تي عملدرآمد اهڙين شرطن ۽ صابطن موجب ڪندي

جيئن انهن وچ ۾ طئي ٿيو هجي.

22. اٿارٽي، حڪومت جي منظوري سان، ڪنهن اسڪيم تي عملدرآمد جيڪا ڪنهن اسڪيم جي علائقي ۾ سهولتنو مهيا ڪندي هجي يا ڪن ڪمن يا خدمتن جي مرمت ڪندي هجي، ڪنهن شخص، شخصيتن جي بادي، فرم يا ڪمپني کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي حوالي ڪري سگهي ٿي، جيئن گڏيل طور تي اٿارٽي ۽ اهڙي شخص، شخصيتن جي بادي، فرم يا ڪمپني وچ ۾ بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن موجب طئي ٿيو هجي.

اسڪيمون جيڪي عوامي مقصدن لاءِ هونديون

Schemes to be deemed for public purposes

23. (1) ڪنهن به وقت تي حڪومت يا اٿارٽي طرفان ڪنهن اسڪيم جي جاري ٿيڻ کانپوءِ پر ان جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ، اٿارٽي، ان کي تبديل ڪري سگهي ٿي، حڪومت جي منظوري سان جيڪڏهن تبديلي سان اسڪيم جي عملدرآمد جي قيمت اهڙي قيمت جي 10 سيڪڙو کان وڌي وڃڻي آهي يا پنجاهه هزار رپيا ۽ حڪومت جي منءوصري کانسواءِ اهڙي تبديلي سان اسڪيم تي عملدرآمد جي قيمت اهڙين حدن کان نه وڌڻ گهرجي.

سڌاري جي فيس

Betterment fee

(2) جيڪڏهن ذيلي دفعه (1) تحت تبديلي حصول ۾ شامل هجي، سواءِ معاهدي جي، ڪنهن طريقي، ڪنهن ملڪيت يا لوڪل ڪائونسل، سرڪاري ايجنسي، سوسائٽي، شخص يا شخصيتن جي بادي جي فائدي تي اثرانداز ٿئي، دفعات 19 ۽ 20 ۾ ڄاڻايل طريقيڪار تبديليءَ جي منظوريءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

24. (1) اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان سرڪاري ايجنسي يا لوڪل ڪائونسل کان جنهن جي دائرو اختيار ۾ حڪومت طرفان عملدرآمد لاءِ

اسڪيم جاري ڪئي وئي آهي، طلب ڪري سگهي ٿي:

(a) اهڙي اسڪيم يا ان جو حصو اٿارٿي جي جي صلاح يا ان جي هدايت سان مڪمل ڪري سگهي ٿي؛

(b) ڪنهن به ڪم يا خدمتن کي تحويل ۾ وٺڻ يا سنڀالڻ يا ڪي سهولتون مهيا ڪرڻ جيڪي اٿارٿي جي خيال ۾ اهڙي اسڪيم جي علائقي ۾ مهيا ڪرڻ ضروري آهن؛

(c) اٿارٿي طرفان ضابطا لاڳو ڪرڻ.

(2) ڪنهن اسڪيم تي آيل خرچ، يا ڪن ڪمن يا خدمتن کي تحويل ۾ وٺڻ يا سنڀالڻ تي، يا ڪي سهولتون مهيا ڪرڻ يا ذيلي دفعه (1) تحت ضابطن کي لاڳو ڪرڻ تي اٿارٿي ۽ سرڪاري ايجنسي يا لوڪل ڪائونسل طرفان برداشت ڪيو ويندو، جيئن ٻنهي ۾ گڏيل طور طئي ٿيو هجي ۽ معاهدو نه ٿيڻ جي صورت ۾، جيئن حڪومت طئي ڪري.

عمارت هٽائڻ يا ڊاهڻ
Removal or demolition of building

25. (1) اٿارٿي، حڪومت جي اڳواٽ اجازت سان، وقت بوقت اسڪيمن تي عملدرآمد جي رقم لاءِ ريٽس، فيس ۽ ٻيون چارجز لڳائڻ ذريعي فنڊس گڏ ڪري سگهي ٿي بشمول انهن اسڪيمن جي جيڪي ڪنهن ايجنسي طرفان مڪمل ڪيون يا سنڀاليون وڃڻيون آهن.

حددخلي هٽائڻ
Removal of encroachment

(2) ريٽس، فيس ۽ ٻيون چارجز اهڙي طريقي لڳايون ۽ جمع ڪيون ويندیون ۽ اهڙي طريقيڪار تحت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) ريٽس، فيس ۽ ٻيون چارجز لڳائڻ ذريعي گڏ ڪيل فنڊ اهڙين اسڪيمن، ڪمن ۽ پروجيڪٽس تي خرچ ڪيا ويندا ۽ اهڙي طريقي جيئن اٿارٿي

گهٽيون کليل جڳهون وغيره تحويل ۾ وٺڻ
Taking over of streets open

حڪومت جي منظوري سان هدايت ڪري.

26. سموريون اسڪيمون هن ايڪٽ تحت جوڙيون ۽ هلايون ويندیون ۽ اٿارٽي طرفان اهي عوامي مقصد جون اسڪيمون سمجهيون ويندیون.

spaces etc

27. (1) جتي اٿارٽي ان خيال جي آهي ته ڪنهن اسڪيم تي عملدرآمد جي سلسلي ۾، ڪنهن ملڪيت جو ملهه وڏي ويو آهي يا وڏي ويندو، اها اهڙي ملڪيت تي سڌارتي في لڳائي سگهي ٿي ۽ ساڳيءَ تي مالڪ کان وصو ڪري سگهي ٿي يا ان شخص کان جنهن جي قبضي ۾ هجي يا جنهن جو ان ۾ حصو هجي.

(2) سڌارتي في اهڙي ريٽ تي لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جيڪو اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ وقت ملڪيت جي قيمت جي اڌ کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي، اهڙي مڪمل ٿيڻ کان اڳ ملڪيت جي ملهه کان وڌيڪ هجي ٿو ته، جيئن اٿارٽي طئي ڪري.

لوڪل ڪائونس جا اختياراستعمال ڪرڻ لاءِ مجاز اختياري Authority competent to exercise functions of local council

(3) جڏهن اٿارٽي کي لڳي ته ڪا اسڪيم ڪافي حد تائين اڳتي وڌي چڪي آهي ته جيئن ان جي سڌارتي فئي طئي ڪجي ته، اٿارٽي ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪري، سڌارتي في لاڳو ڪرڻ جي مقصد لاءِ اعلان ڪري سگهي ٿي، اسڪيم تي عملدرآمد مڪمڪل سمجهيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ لکت ۾ ملڪيت جي مالڪ کي نوٽيس ڏنو ويندو يا ان شخص کي جنهن وٽ قبضو هجي يا جنهن جو حصو هجي، اٿارٽي ان سلسلي ۾ اهڙي ملڪيت تي سڌارتي في طئي ڪندي.

ملڪيت جي مٿا سٿا جي ليز خريد ڪرڻ Purchase lease

(4) اٿارٽي ذيلي دفعه (3) تحت اماٿيل نوٽيس جي

پندرنهن ڏينهن بعد، يا جيڪڏهن سڌارتي في خلاف ڪو ريپريزنٽيشن پيش ڪيو ويو آهي، اهڙي ريپريزنٽيشن جي رد ٿيڻ بعد سڌارتي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقيڪار موجب لڳائي ۽ وصول ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

of exchange of a property

زمين جي طلبي
Acquisition of land

28. (1) جيڪڏهن اٿارٽي ان خيال جي آهي ته اسڪيم تي عملدرآمد جي مقصد لاءِ ڪنهن عمارت کي هٽائڻ يا ڊاهڻ ضروري آهي ته اها اهڙي عمارت کي هٽائڻ يا ڊاهڻ لاءِ حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

زمين تي نشان لڳائڻ
Marking of land

بشرطيڪ اهڙي هٽائڻ يا ڊاهڻ جو حڪم تيستائين نه ڏنو ويندو جيستائين اهڙي عمارت جي مالڪ يا قبضو رکندڙ کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي.

(2) جيڪڏهن ذيلي دفعه (1) تحت ڪنهن عمارت جي هٽائڻ يا ڊاهڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي انهن کي ان جو معاوضو ادا ڪيو ويندو، جنهن جي قيمت هن ايڪٽ تحت زمين جي حاصلات سان لاڳاپيل گنجائشن موجب طئي ڪئي ويندي.

پبلڪ نوٽيس ڏيڻو پوندو
Public notice to given

29. جيڪڏهن اٿارٽي ان خيال جي آهي ته اسڪيم تي عملدرآمد لاءِ ڪنهن زمين يا عمارت تي ڪا حددخلي هٽائڻ ضروري آهي ته اها اهڙي حددخلي هٽائڻ لاءِ موجود قانون موجب اهڙي حددخلي کي هٽائي سگهي ٿي، جيئن اها زمين يا عمارت جنهن تان حددخلي هٽائي وڃڻي آهي، ڇڻ اٿارٽي جي هجي.

30. (1) جڏهن ڪا گهٽي، روڊ، ڪليل جڳهه ڪنهن اسڪيم تي عملدرآمد لاءِ گهربل آهي، اٿارٽي اهڙي لاڳاپيل هنڌ تي يا اهڙي گهٽي، روڊ نالي يا جڳهه جي پرسان چيئرمين يا ان طرفان ڪنهن ٻئي بااختيار بڻايل شخص جي صحيح سان نوٽيس لڳائيندي جنهن ۾ اهو مقصد بيان ڪيو ويندو، جنهن لاءِ گهٽي، روڊ يا

جڳهه گهربل آهي ۽ اعلان ڪيو ويندو ته نوٽيس ۾ ڄاڻايل تاريخ کانپوءِ، اٿارٽي اهڙي گهٽي، رود، نالي يا جڳهه کي تحويل ۾ وٺندي ۽ اهڙي نوٽيس جو نقل گهٽي، رود، نالي يا جڳهه جي مالڪ ڏانهن ان جي آخري ڄاتل پتي تي به اماڻيو ويندو،

(2) اٿارٽي، اعتراضن تي غور ڪرڻ کانپوءِ، جيڪڏهن ذيلي دفعه (1) تحت جاري ڪيل نوٽيس ۾ ڄاڻايل تاريخ کان اڳ ڪو وصول ٿيو هجي، گهٽي، رود، نالي يا ڪليل ڳهه کي تحويل ۾ وٺي سگهي ٿي ۽ ڪا هدايت جاري ڪري سگهي ٿي يا ان کي بند ڪرڻ لاءِ ڪو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي يا ٻي صورت ۾ اهڙي گهٽي، رود، نالي يا جڳهه کي بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

جاچ ۽ انعام
Enquiry and award

(3) اٿارٽي گهٽي، رود، نالي يا ڪليل جڳهه جي مالڪ کي معاوضو ادا ڪندي، ڪنهن نقصان يا ان سلسلي ۾ نقصال جو معاوضو ادا ڪندي، جيڪو اٿارٽي طرفان ان سلسلي ۾ مقرر ڪيل ڪنهن شخص يا عملدار طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

31. حڪومت، نوٽيفڪيشن ذريعي، هدايت ڪري سگهي ٿي ته اٿارٽي جيستائي ڪجهه وقتي طور لاڳو قانون جي متضاد نه هجي، ضابطي هيٺ ايراضي ۾ لوڪل ڪائونسل يا سرڪاري ايجنسي جا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي.

معاوضو طئي ڪرڻ لاءِ جزا
Factors for determining of compensation

باب -IV
ملڪيت جي طلبي

32. اٿارٽي، خريد، ليز يا مٽا سٽا ذريعي ڪا زمين يا عمارت حاصل ڪري سگهي ٿي يا ڪا ٻي متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت يا ان جو حصو ان جي

مالڪ سنا معاهدي ۾ داخل ٿي حاصل ڪري سگهي ٿو يا ان قانوني مجاز ماڻهو سان جيڪو اهڙي زمين، عمارت يا ملڪيت وڪڻڻ، ليز ڏيڻ يا مٽا سٽا ڪرڻ چاهي ان سان معاهدو ڪري سگهي ٿي.

33. جتي اٿارٽي ان خيال جي آهي ته ڪنهن اسڪين لاءِ گهربل ڪا زمين يا ٻئي ڪنهن عوامي مقصد لاءِ گهربل زمين دفعه 32 تحت حاصل نه ٿي ڪري سگهجي، اها اهڙي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا هن باب جي گنجائشن سان لاڳاپيل آهي، ڪليڪٽر کي طلب ڪري سگهي ٿي، جنهن جي دائره اختيار ۾ اها زمين واقع آهي.

34. دفعه 33 تحت اٿارٽي طرفان هدايت ملڻ تي، ڪنٽرولر زمين (جيستائين ان جي اڳواٽ نشاندهي ناهي ڪئي وئي) جي نشاندهي ڪرائيندو ۽ ان جي ماپ ڪرائيندو، ۽ جيڪڏهن ان سلسلي ۾ ڪو منصوبو ناهي جوڙيو ويو، هڪ منصوبو جوڙيو ويندو.

35. (1) ڪليڪٽر لاڳاپيل هنڌ تي يا حاصل ڪئي ويندڙ زمين ويجهو پبلڪ نوٽيس لڳائيندو، جنهن ۾ اهو چاڻايو ويندو ته زمين ڪنهن اسڪيم لاءِ گهربل آهي يا، جيئن معاملو هجي، اٿارٽي طرفان ڪنهن ٻئي عوامي مقصد لاءِ گهربل آهي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت نوٽيس ۾ زمين جا تفصيل چاڻايا ويندا ۽ زمين ۾ دلچسپي رکندڙ سمورن ماڻهن کي شخصي طور يا ڪنهن ايجنٽ ذريعي پيش ٿيڻ لاءِ طلب ڪيو ويندو ۽ لاڳاپيل زمين ۾ دلچسپي بابت انهن جون دعوائون داخل ڪيون ويندیون، انهن جي اعتراضن سان گڏ، جيڪڏهن دفعه 34 تحت ڪيل ماپ جي حوالي سان هجن، ڪليڪٽر کي اهڑي

قبضو ۽ زمين شامل ڪرڻ
Possession and vesting of land

تاريخ تي جيڪا نوٽيس جي شايع ٿيڻ واري تاريخ جي ڏهن ڏينهن کان اڳ نه هجي ۽ هنڌ جيڪو نوٽيس ۾ ڇاڻايو ويو هجي.

(3) ڪليڪٽر ساڳيو نوٽيس قبضو رکندڙ ڏانهن به اماڻيندو، جيڪڏهن ڪو هجي، اهڙي زمين جو اهڙن سمورن ڄاتل ماڻهن ڏانهن جيڪي ان ۾ دلچسپي رکندڙ هجن، يا ان کي دلچسپي رکندڙ ماڻهن جو عنوان ڏنو ويندو.

(4) جنهن زمين بابت ذيلي دفعه (1) تحت نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي ان تي اٿارٽي جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ ڪا به تعمير يا ترقياتي ڪم نه ڪيو ويندو.

معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪليڪٽر جو اختيار
Power of Collector to obtain information

(5) ذيلي دفعه (1) تحت نوٽيس جاري ٿيڻ کانپوءِ ڪيل ڪنهن تعمير يا اٿارٽي کان اڳواٽ منظوري وٺڻ کانسواءِ ڪيل تعمير نوٽيس جاري ڪرڻ کانپوءِ ۽ اهڙي تعمير ڪندڙ جي پنهنجي ذميواري تي اها هٽائي ويندي.

زمين جي سروي ڪرڻ، ليول ڪرڻ ، نشان لڳائڻ وغيره
Surveying leveling and marking etc: of land

36. (1) دفعه 35 تحت مقرر ڪيل ڏينهن تي يا ٻئي ڪنهن ڏينهن تي جنهن تائين ڪارروائي ملتوي ڪئي وئي آهي، ڪليڪٽر اعتراضن تي پڇا ڳاڇا جاري رکندو، جيڪڏهن ڪو دفعه 35 تحت داخل ڪيو ويو هجي، زمين جي مارڪيٽ اگهه ۽ لاڳاپيل دلچسپي رکندڙ ماڻهن جي رعايت بابت دعوائن جي حوالي سان.

(2) ڪليڪٽر زمين جي درست ايراضي، ان جو ڪو معاوضو يا معاوضي جا حصا انهن سمورن ماڻهن کي ڏيندو، جن لاءِ سمجهيو ويندو ته انهن جا مفاد ته هٿا پر اهي هن اڳيان حاضر ٿيا يا نه ٿيا.

37. ڪليڪٽر ذيلي دفعه 36 تحت رعايت طئي

ڪرڻ جي مقصد لاءِ، هيٺين شين تي غور ڪري سگهي ٿو:

(i) مارڪيٽ اگهه ذيلي دفعه 35 تحت جاري ڪيل نوٽيس واري تاريخ کان گذريل ٻن سالن جي وڪري واري قيمت جي سراسري بنيادن تي ساڳئي هنڌ واقع زمين ۽ ساڳئي استعمال واري زمين جي حساب سان طئي ڪيا ويندا؛

رعايت يا نقصان
Compensation or damages

(ii) زمين ۾ دلچسپي رکندڙ ماڻهن کي بيٺل فصل يا وڻن جي مالڪي نه ڪرڻ سبب پهتل نقصان؛

(iii) پنهنجي باقي زمين جي ڪارڻ جيڪڏهن ڪنهن جي مفاد کي ڇيهو رسي ٿو؛

(iv) ورتل زمين جيڪڏهن منقوله ۽ غير منقوله جائيداد تي اثر ڪري ٿي يا ان جي آمدني جي ٻين ذريعن تي اثرانداز ٿئي ٿي ته ان جي زمين سان لاڳاپيل مفادن کي ڇيهو رسيو آهي؛

(v) رهائش مٿائڻ يا ڪاروبار جو ماڳ مٿائڻ پوءِ اهو جيڪڏهن زمين حاصل ڪرڻ ڪري ٿيو هجي ۽ انهيءَ ڪري ماڻهن تي ڪجهه مناسب خرچ آيو هجي.

حڪومت طرفان ڪليڪٽر کي هدايتون
Directions to Collector by Government

(2) مٿي ڄاڻايل رعايت طئي ڪرڻ ۾، ڪليڪٽر هيٺين معاملن تي غور نه ڪندو:

(i) زمين حاصل ڪرڻ ۾ ڪيل تڪڙ؛

اپيل
Appeal

(ii) زمين ۾ دلچسپي رکندڙ ماڻهن جو اهڙي زمين جي حصي ڏانهن بي رخي؛

(iii) زمين ۾ دلچسپي رکندڙ ماڻهو کي ڪنهن نجي شخص طرفان پهچايل نقصان خلاف ڪا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي؛

(iv) زمين جي اگهه ۾ واڌ اهڙي زمين حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ استعمال لاءِ جمع ڪئي ويندي؛

(v) زمين ۾ دلچسپي رکندڙ شخص جي ٻي زمين جي ملهه ۾ ڪو اضافو، ان سلسلي ۾ جمع ڪيو ويندو جنهن تحت زمين آخري ڀيرو حاصل ڪئي وئي آهي.

نظرثاني
Review

38. ماءضو ڪيش جي صورت ۾ ادا ڪيو ويندو يا تيار ڪيل سائيٽ جي صورت ۾ يا ٻنهي صورتن ۾ جهڙي طريقي بيان ڪيو ويو هجي.

غلط يا معاوضي جي اضافي ادائگي
Wrong or excess payment of compensation

39. (1) جڏهن ڪليڪٽر دفعه 36 تحت انعام ڏنو آهي، اهو جيڪڏهن ڏرين انعام قبوليو آهي، انعام جو اعلان ڪرڻ واري تاريخ جي پندرنهن ڏينهن اندر، زمين جو قبضو حاصل ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته اٿارٽي ۾ شامل زمين مواخذي کان آجي هوندي.

(2) هنگامي صورت ۾ ڪليڪٽر جيئن اٿارٽي هدايت ڪئي هجي، دفعه 35 تحت شايع ٿيل نوٽيس کانپوءِ هنگامي طور تي زمين جو قبضو حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ان کانپوءِ اها اٿارٽي ۾ شامل هوندي، جيڪا سمورن مواخذن کان آجي هوندي.

ڪارروائي روڪڻ
Dropping of proceedings

بشرطيڪ ڪليڪٽر چوويهه ڪلاڪن جو عرصو پورو ٿيڻ کان اڳ زمين جو قبضو نه وٺندو يا اهڙو عرصو جيڪو ڪليڪٽر زمين جو قبضو رکندڙ کي لکت ۾ نوٽيس ملڻ کانپوءِ ضروري سمجهي.

ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر کي سول ڪورٽس جا اختيار
Civil Courts powers to Collector and Commissioner

40. ڪليڪٽر ڪنهن زمين جي حاصل ڪرڻ جي مقصد لاءِ يا ڪو معاوضو طئي ڪرڻ لاءِ ڪنهن شخص کي طلب ڪري سگهي ٿو، لکت ۾ حڪم ذريعي، ان جي قبضي ۾ حڪم ۾ ڄاڻايل ڪنهن زمين بابت ڪا معلومات طلب ڪري سگهي ٿو، يا ڪنهن زمين ۾ داخل ٿي سگهي ٿو يا ڪنهن شخص کي داخل ٿيڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿو ۽ اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو، جيڪو ضروري هجي.

41. اهو ضروري هوندو ته اٿارٽي يا ان جي

چيئرمين يا ميمبر يا ڪليڪٽر يا اٿارٽي جي ڪنهن ٻئي بااختيار بڻايل شخص پاران ان سلسلي ۾:

(a) داخل ٿيڻ ۽ سروي ۽ ڪنهن زمين جي ليول ڪرڻ؛

(b) کولڻ يا سب آئل ۾ بور ڪرڻ؛

(c) اها پڪ ڪرڻ لاءِ ته زمين هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ موزون آهي، سمورا ٻيا ضروري قدم کڻڻ؛

(d) حاصل ڪرڻ لاءِ آڇيل زمين جون حدون طئي ڪرڻ ۽ ڪم جي طئي ڪيل رٽ، جيڪڏهن ڪا هجي، جيڪو ان سلسلي ۾ ڪيو ويندو.

(e) اهڙي سطحن، حدن ۽ لائينن جي نشان رکڻ ۽ ڪڏا کوٽڻ ذريعي نشاندهي ڪرڻ؛

(f) جتي اهو سروي جي مقصدن لاءِ ضروري هجي، سنوت ۾ آڻڻ يا لائينن جا نشان ٺاهڻ، ڪنهن بيٺل فصل، گاهه ۽ جهنگ يا ان جي ڪنهن حصي کي ڪٽڻ يا صفائي ڪرڻ:

بشرطيڪ ڪو شخص ڪنهن عمارت ۾ داخل نه ٿيندو يا رهائش پذير گهر سان لاڳاپيل اڳڻ يا باغيچي ۾ داخل نه ٿيندو، جيستائين قبضو رکندڙ ان جي داخلا جي اجازت نه ڏئي، سواءِ اهڙي قبضو رکندڙ کي ايئ ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چوويهه ڪلاڪن جو نوٽيس ڏيڻ جي.

42. جتي دفعه 34 ۽ 41 تحت ڪنيل ڪنهن قدم سبب ڪنهن زمين کي ڪو نقصان پهتو آهي، زمين جو مالڪ يا ان ۾ دلچسپي رکندڙ کي اهڙو معاوضو ادا ڪيو ويندو، جيئن طئي ڪيل هوندو.

(a) ان سلسلي ۾ اٿارٽي يا ان جي طرفان ڪليڪٽر ۽ مالڪ يا زمين ۾ دلچسپي رکندڙ شخص وچ ۾

ڪا اسٽيمپ ڊيوٽي يا ڪورٽ ڊيوٽي ادائگي لائق نه هوندي
No stamp duty or court fee payable

زمين جي واپسي
Restoration of Land

اٿارٽي جا فنڊس
Funds of the Authority

معاهدي ذريعي؛
(b) جيڪڏهن شق (a) جي روشني ۾ ڪو ڪليڪٽر ڪان سمجهوتو نٿو ٿئي، پر اهو ڪنهن به صورت ۾ اصل نقصان ڪان گهٽ نه هجي، جيڪو زمين جي ڏٿيءَ جي مفاد ۾ هجي.

43. حڪومت ڪليڪٽر کي هن باب موجب اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏئي سگهي ٿي ۽ ڪليڪٽر اهڙي هدايت تي عمل ڪندو.

44. (1) اٿارٽي يا ڪو شخص جيڪو ڪليڪٽر جي انعام سان متاثر ٿيو هجي، اهڙي انعام جي هڪ مهيني اندر يا جيڪڏهن متاثر ڏر کي انعام بابت ڪا آگاهي نه هجي، انعام جي اعلان ٿيڻ جي ڇهه هفتن دوران ڪمشنر سان رابطو ڪري سگهي ٿو.
(2) ڪمشنر ڏرين کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجهي.
(3) ذيلي دفعه (2) تحت ڪمشنر جو حڪم حتمي هوندو ۽ ان تي ڪنهن به عدالت ۾ سوال نه اٿاري سگهبو.

فنڊس جو استعمال
Utilization of funds

45. ڪليڪٽر يا ڪمشنر پاڻمرادو يا ان سلسلي ۾ انعام ۾ دلچسپي رکندڙ ڪنهن ڏر جي درخواست تي، ڪنهن به وقت تي سندس طرفان يا ان کان اڳ واري طرفان ڪيل حڪم تي نظرثاني ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن اهو ڪنهن قانون جي متضاد آهي يا ان ۾ ڪلريڪل يا ڇپائي جو ڪو نقص يا غلطي آهي.

46. جيڪڏهن ڪو شخص فراڊ ذريعي يا غلط بياني

ذريعي، ڪو معاوضو حاصل ڪري ٿو يا معاوضي ڪان وڌيڪ رقم حاصل ڪري ٿو، جيڪا هن کي نه ملڻي هئي، ته ڪليڪٽر اهڙي شخص کي اها رقم موٽائي ڏيڻ لاءِ گهرائي سگهي ٿو ۽ غلطي جي صورت ۾، اها ساڳي رقم ليندڙ روينيو جي رهتن جي مد ۾ واپسي لائق هوندي.

47. جيڪڏهن اثارٽي زمين جو قبضو وٺڻ کان اڳ ڪنهن به وقت زمين نه وٺڻ جو فيصلو ڪري، اهڙي آگاهي ڪليڪٽر کي ڏني ويندي يا جيئن معاملو هجي ڪمشنر کي، جنهن بعد اهڙي زمين سان لاڳاپيل طلبي يا اپيل تي ڪارروائي ختم ڪئي ويندي.

قومي قرض جي ادائگي لاءِ فنڊ
Sinking Fund

48. هن باب هيٺ اختيار استعمال ڪندڙ ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 تحت سول ڪورٽ جا اختيار حاصل هوندا، هيٺين ڪمن لاءِ:

(a) سمن جاري ڪرڻ ۽ ڪنهن شخص کي حاضري لاءِ زور پرڻ، ۽ ڪانئس حلف تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ؛

(b) ڪنهن دستاويز جي ڳولها ۽ پيش ڪرڻ لاءِ طلبي؛

(c) ڪنهن عدالت يا آفيس مان ڪو رڪارڊ طلب ڪرڻ؛

(d) شاهدي جي پڇاڻي، ملڪيت جي جاچ پڙتال يا ڪنهن قانوني جاچ لاءِ ڪميشن جاري ڪرڻ؛

(e) سنپالينڊڙ ۽ لٽيم يا پيو دوست مقرر ڪرڻ؛

(f) ڪارروائي ۾ فوت ٿي ويل ڌرين جا نمائندا شامل ڪرڻ يا متبادل بڻائڻ؛

(g) رهيل ڪارروائين ۾ ڌرين کي شامل ڪرڻ يا خارج ڪرڻ؛

(h) پيشي ۾ خامي سبب خارج ڪرڻ ۽ خامي سبب

خارج ڪيل ڪيس بحال ڪرڻ؛
(i) ڪيس گڏائڻ ۽ ڏار ڪرڻ؛ ۽
(j) اپيل جي ٻڌڻي.

بجيٽ
Budget

49. (1) هن ايڪٽ تحت ڏنل انعام تي ڪا به اسٽيمپ ڊيوٽي واجب الادا نه هوندي.
(2) انعام جي نقل حاصل ڪرڻ تي ڪا به ڪورٽ في واجب الادا نه هوندي.

50. (1) جيڪڏهن هن باب تحت حاصل ڪيل ڪا زمين گهربل نه آهي، جنهن مقصد لاءِ اها حاصل ڪئي وئي هئي يا ڪنهن اسڪيم جي لاءِ اها حاصل ڪئي وئي هئي، سمورا يا ڪو شخص جنهن کان زمين حاصل ڪئي وئي هئي، اهو اٿارٽي ڏانهن زمين جي واپسي لاءِ درخواست ڪري سگهي ٿو.
(2) اٿارٽي، ڪنهن معاوضي بعد، جيڪو طئي ڪيو ويو هجي، درخواست گذار کي زمين واپس ڪندي.

باب -V
ماليات

اڪائونٽس جي مينٽيننس
Maintenance of Accounts

51. (1) هڪ ڏار فنڊ هوندو، جنهن کي لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو، جيڪو اٿارٽي ۾ جمع ٿيندو.
(2) فنڊ مشتمل هوندو:
(a) حڪومت طرفان ڪيل گرانٽس؛
(b) لوڪل ڪائونسل طرفان ڪيل گرانٽس؛
(c) اٿارٽي طرفان گڏ ڪيل ۽ حاصل ڪيل قرض؛
(d) منقوله يا غير منقوله ملڪيتن جا سيل پروسيڊس؛
(e) وفاقي حڪومت يا ڪنهن عالمي ايجنسي کان مليل سموريون رقمون؛
(f) هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيل سموريون فيس،

حاصلات ۽ چارجز؛

(g) جنهن لاءِ رقم حاصل ڪئي وئي هجي يا ڪنهن ايجنسي جون خدمتون؛

(h) پنهنجي مالياتي اسڪيمن جا پروسيڊس، ۽

(i) اٿارٽي طرفان ٻيون سموريون حاصل ڪرڻ لائق رقمون.

(3) ان سلسلي ۾ يا ذيلي دفعه (2) جي شق (g) تحت حاصل ڪيل رقمن لاءِ هر ايجنسي جو هڪ ڌار اڪائونٽ هوندو.

(4) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقمون اسٽيٽ بئنڪ ۾ جمع ڪيون ويندیون يا ان جي ايجنسي يا حڪومت جي منظوري سان، ڪنهن شيڊولڊ بئنڪ ۾ جمع ڪيون ويندیون.

(5) اٿارٽي پنهنجا فنڊس ڪنهن وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي سڪيورٽي ۾ يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ڪنهن ٻي سڪيورٽي ۾ سيڙائي سگهي ٿي.

(6) اٿارٽي، حڪومت جي منظوري سان ڪنهن اسڪيم، ڪم يا پروجيڪٽ يا اهڙي ٻئي مقصد لاءِ باندس يا ڊبينچرز جاري ڪري فنڊس گڏ ڪري سگهي ٿي.

(7) اٿارٽي حڪومت يا ڪنهن بئنڪ کان اهڙن قاعدن ۽ ضابطن موجب قرض حاصل ڪري سگهي ٿي، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

52. (1) اٿارٽي هيٺين ڪمن لاءِ فنڊس استعمال ڪري سگهي ٿي:

(a) ايڪٽ تحت پنهنجي ڪمن سان لاڳاپيل خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ، جنهن ۾ شامل آهن چيئرمين، ميمبرن، عملدارن بشمول ڊائريڪٽر جنرل ۽ مئنيجنگ

سرڪاري ايجنسي کي پاڻي جي فراهمي
Supply of water to Government agency

ميونسپل حدن کان ٻاهر پاڻي جي فراهمي
Supply of water outside municipal limits

جڳهه جو تعين ڪرڻ ۽ مرمت وغيره
Placement and maintenance etc

ڊائريڪٽرس، ملازمن، ماهرن، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻين اٿارٽي ۽ ايجنسيز جي ملازمن جون ادائگيون ۽ پگهارون؛

(b) هن ايڪٽ تحت ڪنهن اسڪيم يا سونپيل ڪم تي ٽينڊڙ خرچ؛

(c) هن ايڪٽ تحت حاصل ڪيل ڪنهن زمين لاءِ معاوضي جي ادائگي؛

(d) قرضن ۽ ان تي وياج جي ٻيهر ادائگي؛

(e) هن ايڪٽ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل ٻيا خرچ.

(2) دفعه 51 جي ذيلي دفعه (2) جي شق (g) تحت حاصل ڪيل رقمون ايجنسي جي مقصد لاءِ استعمال ڪيون ويندیون، جنهن جي مقصد لاءِ اهي رقمون حاصل ڪيون ويون آهن.

واٽر سپلاءِ ۽ ڊرينيج سان لاڳاپيل ڏوهه
Offence relating to water supply and drainage

53. (1) اٿارٽي، ۽ جيڪڏهن حڪومت طرفان هدايت ڪئي وڃي، اٿارٽي طرفان حاصل ڪيل ڪنهن قرض جي ادائگي لاءِ قومي قرض جي ادائگي وارو فنڊ قائم ڪري سگهي ٿي ۽ ان فنڊ ۾ پنهنجي سگهه موجب اهڙيون رقمون جمع ڪندي، جيڪي گڏ ٿيل وياج سميت قرض جي ادائگي لاءِ ڪافي هونديون.

(2) قومي قرض جي ادائگي وارو فنڊ قرض جي ادائگي بعد، جنهن لاءِ اهو قائم ڪيو ويو آهي، هن ايڪٽ جا ڪي به مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

(3) هر سال قومي قرض جي ادائگي واري فنڊ جي اڪائونٽنٽ جنرل طرفان جاچ پڙتال ڪئي ويندي، ۽ جيڪڏهن اهو تصديق ڪري ٿو ته فنڊ جا اثاثا ان حد کان گهٽ آهن، جيڪا انهن لاءِ عام طور تي رکي

وئي آهي، ته اٿارٽي تصديق ٿيل ڪوٽ برابر رقم فنڊ ۾ ادا ڪندي.

(4) جيڪڏهن ذيلي دفعه (3) تحت ڪنهن سرٽيفڪيٽ جي حوالي سان اٿارٽي ۽ اڪائونٽنٽ جنرل ۾ ڪو تڪرار پيدا ٿئي ٿو ته، اٿارٽي ان ذيلي دفعه جو حوالو وٺندي، معاملو فيصلي لاءِ حڪومت ڏانهن اماڻي سگهي ٿي.

54. (1) اٿارٽي هر مالي سال لاءِ ڪٿيل حاصلات ۽ خرچ جو اسٽيٽمينٽ تيار ڪندي ۽ اهڙو اسٽيٽمينٽ اهڙي مالي سال جي شروعات کان ڇهه مهينا اڳ منظوري لاءِ حڪومت ڏانهن اماڻيندي.

(2) ڪٿيل حاصلات ۽ خرچ هر ايجنسي جي سلسلي ۾ اسٽيٽمينٽ ۾ ذيلي دفعه (1) تحت ڏار سري سان ڏيکاريو ويندو.

(3) حڪومت ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل بجيٽ جاري ڪري سگهي ٿي، يا اهڙيون تبديليون ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(4) جيڪڏهن سرڪار طرفان منظور ڪيل بجيٽ مالي سال شروع ٿيڻ وقت نٿي پهچي، اهو ڄاتو ويندو ته اها بجيٽ سرڪار منظور ڪئي آهي.

(5) اٿارٽي، حڪومت کان اڳواٽ منظوري کانسواءِ، جاري ڪيل بجيٽ کان وڌيڪ خرچ نٿي ڪري سگهي.

55. (1) اٿارٽي ۽ ايجنسي جا اڪائونٽس اهڙي ريت ۽ اهڙي طريقي رکيا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت رکيل اڪائونٽس ٻن کان گهٽ نه چارٽرڊ اڪائونٽنٽس طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(3) ذيلي دفعه (2) تحت آڊيٽرس طرفان آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ، هر مالي سان جي ختم ٿيڻ

عمارت ٻيهر تعمير ڪرڻ يا استعما ڪرڻ وغيره، جيڪا ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ نه هجي

Erection construction or use of building etc, incontravent of

the Act

ڪانپوءِ، جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، حڪومت ڏانهن اماڻيو ويندو.

(4) حڪومت اڪائونٽنٽ جنرل کي ذيلي دفعه (3) تحت جمع ڪرايل اڪائونٽس جي ٻيهر جاچ ۽ ٻي آڊٽ ڪرائڻ جو اختيار ڏئي سگهي ٿي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طئي ڪري.

باب -VI

پاڻي جي فراهمي

56. (1) اٿارٽي سرڪاري ايجنسي کي پاڻي جو ايترو مقدار اهڙي ريٽ ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب فراهه ڪري سگهي ٿي جيئن اٿارٽي ۽ سرڪاري ايجنسي وچ ۾ طئي ٿيو هجي يا ٻنهي وچ ۾ معاهدو نه ٿيڻ جي صورت ۾ جيئن حڪموت اٿارٽي وٽ موجود پاڻي جي وسيلن جي گنجائش موجب طئي ڪري.

ملڪيت جي مختلف استعمال لاءِ تبديلي
Conversion of property to different use

(2) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، جيڪڏهن ڪا ايجنسي اٿارٽي طرفان رهتن جي ادائگي لاءِ نوٽيس ملڻ جي هڪ مهيني دوران رهتن جي ادائگي ۾ ناڪام ٿئي ٿي، اهڙي رقم سرڪاري ايجنسي کان ڄاڻايل طريقي موجب وصولي لائق هوندي.

57. اٿارٽي پاڻي جي موجودگي جي حساب سان، ميونسپل جي حدن کان ٻاهر رهندڙ صارفين کي پاڻي فراهم ڪندي.

چيئرمين، ميمبر وغيره سرڪاري ملازم هوندا
Chairman, members, etc,

58. (1) اٿارٽي يا ان طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن

شخص کي حق حاصل هوندو ته اهو ڪنهن غير منقوله ملڪيت جي مٿان، هيٺان، ان منجهان يا چوڌاري مينس، سيورس يا پائيپس جي جوڙن ۽ لائينن کي مينٽين رکي ۽ اهڙي ملڪيت ۾ مينس سيورس يا پائيپن جي جوڙن، اوزارن يا لائين جي جاچ پڙتال، مرمت، تبديلي يا هٽائڻ جي مقصد لاءِ داخل ٿي سگهي:

بشرطيڪ اٿارٽي هن ايڪٽ طريقي ڪانسواءِ مٿي ڄاڻايل حق ڪانسواءِ ٻيو حق حاصل نه ڪري سگهندي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت مليل حق وفاقي حڪومت يا ڪنهن صوبائي حڪومت يا ڪنهن ريلوي ايڊمنسٽريشن جي مقامي اٿارٽي جي ضابطي ۽ انتظام هيٺ ملڪيت جي سلسلي ۾ اهڙي حڪومت يا لوڪل اٿارٽي يا ريلوي ايڊمنسٽريشن جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ استعمال لائق نه هوندو، بشرطيڪ اهڙي اجازت ضروري نه هوندي جيڪڏهن ڪنهن سينيٽيشن جي ڪم جي سلسلي ۾ تڪڙن بنيادن تي ڪا مرمت، تبديلي، هٽائڻ يا سڌارو گهربل آهي، جيئن پاڻي جي فراهمي بنا رنڊڪ جي جاري رکي سگهي يا انساني زندگي يا ملڪيت کي نقصان کانسواءِ جاري رکي سگهجي.

(3) اٿارٽي يا ان طرفان بااختيار ٿيل ڪو شخص، جڏهن هن دفعه تحت حق استعمال ڪري رهيو هجي، ڪنهن ننڍي نقصان يا بي قاعدگيءَ جو سبب بڻجي جيئن ممڪن هجي ۽ جيڪڏهن ڪو نقصان يا بي قاعدگي واقعي به ٿئي، ان سلسلي ۾ اهڙي نقصان يا بي قاعدگي جي صورت ۾ اٿارٽي يا ان طرفان مقرر ڪيل شخص طرفان طئي ڪيل جوڳو معاوضو ادا

to be public servants

سرگرمين جي رپورٽ
Report of activities

لوڪل ڪائونسل جي اثاثن، رهتن ۽ اختيارن جي اٿارٽي ڏانهن منتقلي
Transfer of assets and liabilities and power of local council to the Authority

رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of dues

ڪارروائي تي پابندي
Jurisdiction

ڪيو ويندو.

59. جتي ڪو شخص:

(a) ڄاڻي واڻي ڪنهن لائين يا ڪمن جي سيٽنگ خراب ڪري ٿو، يا ڪو ٿنيو، پوسٽ يا ان جو ڇيڙو جيڪو زمين ۾ لڳل آهي ، ان کي اهڙي لائين يا ڪم جي سيٽنگ خراب ڪرڻ لاءِ ڇڪي ڪڍي ٿو يا هٽائي ڇڏي ٿو، يا ان مقصد لاءِ ڪيل ڪنهن ڪم کي خراب ڪري ٿو يا تباهه ڪري ڇڏي ٿو؛ يا

(b) ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائيءَ ۾ ڪو تالو، ڊاڪ والو، پائيپ يا اٿارٽي سان لاڳاپيل ٻين ڪمن کي ٽوڙي وجهي ٿو، خراب ڪري ٿو يا کولي ڇڏي ٿو؛

(c) ڄاڻي واڻي وهڪري کي روڪي ٿو، وهائي ڇڏي ٿو، ضايع ڪري ڇڏي ٿو، منتقل ڪري ٿو يا اٿارٽي سان لاڳاپيل پاڻي جي ڪمن مان پاڻي ڪڍي ٿو يا پاڻي جي ڪنهن وسيلي مان جيڪو اهڙن ڪمن کي پاڻي فراهم ڪري ٿو؛ يا

(d) اٿارٽي طرفان سنڀاليل ڪنهن بجلي فراهمي جي لائينن کي غير قانوني طور ٽوڙي ڇڏي ٿو يا نقصان پهچائي ٿو؛

(e) اٿارٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازم کي هن ايڪٽ تحت پنهنجو ذميواريون نڀائڻ کان روڪي ٿو يا ان طرفان ضروري ڪم لاءِ ڪنهن پاڻي جي ڪمن سان لاڳاپيل جاچ، چنڊ پاڻ يا پچا ڳاڇا واري درخواست کي ڄاڻي واڻي رد ڪري ڇڏي ٿو؛ يا

(f) ڪو ماڻهو پاڻي واري ڪم ۾ يا ان تي وهنجي ٿو، ڪا شئي اڇلائي ٿو، يا انهيءَ جو ڪارڻ ٿئي ٿو ته ان ۾ ڪو ڊور ڍڳو موجود آهي، يا ان ۾ ڪي ڪنيون شيون اڇلائي ٿو، يا ٻيون اهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو، جيڪي ڏوهه برابر آهن، بوائلر يا مشينون هٽائي ٿو،

barred

ضمانت
Indemnity

گنجائشن تي اثرانداز ٿيڻ
Overriding provisions

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power to make regulation

يا ڪو ٻيو اهڙو ڪم ڪري ٿو، جنهن ڪري پاڻي رڪجي ٿو يا ان جي رڪجڻ جو انديشو آهي، ته پوءِ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي اهڙي مدي لاءِ جيڪو ڇهه مهينن کان وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو پنجاهه هزار رپين کان وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

باب -VII

متفرقات

اٿارٽي ختم ڪرڻ
Dissolution of the Authority

60. (1) جيڪڏهن استعمال ڪيل ڪا عمارت، تعمير يا ڪم يا زمين جيڪا تعمير ڪئي وئي آهي، ٺاهي وئي آهي يا هن ايڪٽ جي گنجائشن جي خلاف آهي، يا ڪنهن قاعدي ضابطي جي خلاف آهي، يا ان سلسلي ۾ ڪيل حڪم جي خلاف آهي، ڊپٽي ڪمشنر يا ان طرفان مجاز ٿيل ڪو شخص يا ان سلسلي ۾ اٿارٽي، لڪت ۾ حڪم ذريعي قبضو رکندڙ مالڪ، استعمال ڪندڙ ان شخص کي جنهن جي ضابطي هيٺ اهڙي عمارت، تعمير، ڪم يا زمين آهي، ان کي طلب ڪري سگهن ٿا، ان کي هٽائڻ، ڊاهڻ يا عمارت تعمير يا ڪم کي تبديل ڪرڻ يا ان تعمير کي اهڙيءَ ريت استعمال ڪرڻ، جيئن هن ايڪٽ جي گنجائشن ۾ ڇاڻايو ويو آهي.

منسوخي
Repeal

(2) جيڪڏهن ذيلي دفعه (1) تحت ڪنهن حڪم تي ڪنهن عمارت، تعمير، ڪم يا زمين جي حوالي سان عمل نه ٿو ڪيو وڃي، اهڙي وقت دوران جيڪو ان سلسلي ۾ بيان ڪيو ويو هجي، ڊپٽي ڪمشنر يا ان طرفان ڪو بااختيار ٿيل شخص يا اٿارٽي ان سلسلي ۾، حڪم ذريعي متاثر ٿيندڙ ماڻهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد عمارت، تعمير يا ڪم کي هٽائي، ڊاهي يا تبديل ڪري سگهي ٿو يا زمين جي استعمال کي روڪي سگهي ٿو ۽ ايئن ڪرڻ ۾، اهڙي فورس

استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪا ضروري هجي ۽ ان سلسلي ۾ قيمت به بازياب ڪرائي سگهي ٿو، اهڙي شخص کان جيڪو اهڙي اڏاوت، تعمير يا ان جي استعمال جو ذميوار هجي، عمارت جي تعمير، ڪم يا مٽي ڇاڻايل گنجائشن سان تڪرار ۾ زمين جو ذميوار هجي.

61. ملڪيت جي استعمال جي مقصد جي ڪنهن تبديلي جيڪو اسڪيم ۾ بيان ڪيو ويو هجي، شخص يا ايجنسي طرفان، بنا اٿارٽي کان لکت ۾ اڳواٽ منظوري ٿي، سزا جوڳي هوندي، جنهن جو ڏنڊ هڪ سئو رپيا روزانو تائين وڌي سگهي ٿو تبديلي واري تاريخ کان جيستائين اهو نقص جاري رهي يا قيد سان گڏ جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي، يا ٻئي گڏ.

62. چيئرمين، ميمبرن، عملدارن سميت ڊائريڪٽر جنرل ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ اٿارٽي ۽ ايجنسي جا ٻيا سمورا ملازم پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

63. اٿارٽي هر مالي سال جي پڇاڻي تي سالياني سرگرمين بابت رپورٽ تيار ڪري حڪومت کي اهڙي طريقي ۽ اهڙي تاري تي جمع ڪندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

64. هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ تي:

(i) لوڪل ڪائونسل، لوڪل اٿارٽي يا بادي، سرڪاري ايجنسي يا ٻي ڪنهن تنظيم يا اداري جا اسڪيم جي جوڙجڪ، منظري يا عملدرآمد جي سلسلي ۾ سمورا اختيار ۽ ڪم يا مهيا ڪرڻ، هلائڻ ۽ سار سنڀال جون خدمتون جهڙوڪ پاڻي جي

فراهمي، سيوري ۽ درينيج يا اهڙيون ٻيون خدمتون ضابطي هيٺ ايراضي يا ان جي حصي جون، اٿارٽي طرفان استعمال ڪيون ۽ ادا ڪيون ويندیون.

(ii) لوڪل اٿارٽي يا سرڪاري ايجنسي جي بادي، تنظيم يا ڪنهن اسين سان ڳڏيل يا لاڳاپيل اداري جي ملڪيت، اثاثا ۽ ذميداريون يا مٿي ڄاڻايون خدمتون، اٿارٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا ۽ اٿارٽي جي ملڪيت، اثاثا ۽ ذميداريون سمجهيا ويندا.

(iii) لوڪل ڪائونسل يا سرڪاري ايجنسي جي بادي، تنظيم يا اسڪيم سان لاڳاپيل اداري جا ملازم، ڪم ۽ خدمت مٿي ڄاڻايل طريقي موجب اٿارٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندا ۽ ساڳين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن انهن کي اهڙي لوڪل اٿارٽي ۾ مليل هيون.

65. اٿارٽي يا ايجنسي ڏانهن کان واجب الادا رقم يا اٿارٽي يا ايجنسي طرفان هن ايڪٽ تحت غلطي سان ادا ڪيل رقم، لينڊ روينيو جي رهتن طور وصول ڪرڻ لائق هوندي.

66. (1) ڪنهن به عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن عمل يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي جي سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هوندو.

(2) هن ايڪٽ تحت ڪو به ڪيل ڪم يا ڪيل ڪارروائي يا جاري ڪيل حڪم هيٺين بنيادن تي غير موثر نه هوندو:

(a) اٿارٽي يا ڪنهن ڪميٽي ۾ ڪنهن آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقصد جي صورت ۾؛

(b) جتي جوڳو انصاف ٿي چڪو هجي ڪنهن شخص کي نوٽيس نه ملڻ جي صورت ۾؛ ۽

(c) ڪو رد، نقص يا بي ضابطگي جيڪا ڪنهن

ڪيس جي ترجيحن تي اثرانداز ن ٿيندي هجي.
67. هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪو ڪيس يا مقدمو حڪومت، اٿارٽي يا ايجنسي يا ٻئي ڪنهن شخص خلاف نه ٿيندو.
68. هن ايڪٽ جون گنجائشون، ۽ ان سلسلي ۾ قاعدا ۽ ضابطا ڪنهن ٻئي قانون يا قاعدن يا ضابطن تي اثرانداز نه ٿيندا.

69. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.
70. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، اٿارٽي سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، حڪومت کان لکت ۾ اڳواٽ منظوري سان، هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.
(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تڪرار کانسواءِ، اهڙا ضابطا مهيا ڪن ٿا:
(i) اٿارٽي جي گڏجاڻي؛
(ii) اهڙي گڏجاڻي هلائڻ جو طريقيڪار؛
(iii) اٿارٽي ۽ ايجنسي جي عملدارن ۽ اسٽاف جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا؛ ۽
(iv) هن ايڪٽ جي گنجائشن طرفان گهربل ڪو ٻيو معاملو، جيڪو ضابطن ذريعي مهيا ڪيو ويندو.
71.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اٿارٽي جي تحليل ڪرڻ جو اعلان ڪري سگهي ٿي اهڙي تاريخ کان جيڪا بيان ڪئي ويندي

۽ اثارٽي جي اهڙي تحليل تي، سموريون ملڪيتون، فنڊس ۽ بيا اثاثا حڪومت ڏانهن اچي ويندا يا اهڙي ڪنهن ٻئي اثارٽي، بادي يا ايجنسي ڏانهن جيئن حڪومت بيان ڪري.

72.لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ امپرووميٽ ايڪٽ، 1922 ۽ لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اثارٽي آرڊيننس، 1994 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.